# وحشي جِيوَتَ جا نِشان

[هاورڊ موئر جي Savage Survivals جو سنڌي ترجمو]





مترجم

محمد ابراهيم جويو





سنڌي ادبي بورڊ

# وحشِي جِيوَتَ جا نِشان

[هاورڊ موئر جي Savage Survivals جو سنڌي ترجمو]

از

محمد ابراهيم جويو



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڇاپو پهريون ١٩٧٦ع تعداد ٻه هزار
ڇاپو ٻيو ١٩٩٤ع تعداد ٻه هزار

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ]

**قيمت: پنجاهه رپيا**
**Price: Rs. 50-00**

ملڻ جو هنڌ.
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# مضمونن جي فهرست

مترجم جو پيش لفظ ١-٨ (الف)

باب پهريون — پاليل جانورن جو اصل نسل ٩-٣٩

١- پنجن سيتن جو هڪ ننڍو نصاب ٩
٢- پاليل ۽ جهنگلي جانور ٩
٣- ڪتو ١٣
٤- ٻلي ١٨
٥- گهوڙو ١٩
٦- گڏھ ۽ خچر ٢٠
٧- مال [ڳالو ۽ ماهيو] ٢٣
٨- رڍون ۽ ٻڪريون ٢٤
٩- سوئر ٢٤
١٠- وڏو هرڻ ٢٥
١١- اُٺ ٢٦
١٢- هاٿي ٢٩
١٣- پاليل پکي ٣٣
١٤- پاليل جيت ٣٦
١٥- اختصار ۽ نتيجو ٣٨

باب ٻيو — پاليل جانورن ۾ وحشي جيوت جا نشان ٤٠-٨٨

١- زندگيءَ جي ڪشمڪش ٤٠
٢- زائد عضوا ٤٣
٣- زائد جبلتون ٥٤
٤- ڪتن ۾ وحشي جيوت جا نشان ٥٦
٥- ٻليءَ ۾ وحشي جيوت جا نشان ٦٠
٦- ماءُ واري جبلت ٦٣
٧- ماءُ جو پيار ٦٧
٨- اڳوان جو نقل ٧١

| | |
|---|---|
| ٩- قدرت جو سڪيا گهر | ٧٣ |
| ١٠- آسماني ٻار | ٧٥ |
| ١١- ڪڪڙن جون عادتون | ٧٩ |
| ١٢- اچا معجزا ٿيندا | ٨١ |
| ١٣- ڪنين وارا جبل واسي | ٨٣ |
| ١٤- سوئرن ۽ وحشي جيوت جا اهڃاڻ | ٨٥ |
| ١٥- ٻيون زائد جبلتون | ٨٧ |
| باب ٽيون — هيٺين سطح جي ماڻهن (قومن) جو حسب نسب | ٨٩-١٢٧ |
| ١- سبق جو مقصد | ٨٩ |
| ٢- انگريز ڪٿان آيا | ٩٠ |
| ٣- ٻيون لمون قومون | ٩٢ |
| ٤- انسان ذات جو پينگهو | ٩٣ |
| ٥- جاگرافيءَ جون ڦيريون گهريون | ٩٤ |
| ٦- ماڻهو ڪيترو پوڙهو آهي | ٩٧ |
| ٧- انسان ذات جو پکڙڻ | ٩٨ |
| ٨- ٻهريان ماڻهو | ١٠١ |
| ٩- ڌار ڌار نسل ڪيئن پيدا ٿيا | ١٠٢ |
| ١٠- صغير نسل ۽ وڏي وڏا ٿيل نسل | ١٠٣ |
| ١١- انسان ذات جي اوسر جا دور | ١٠٤ |
| ١٢- وحشي ماڻهن جا ڏندا | ١٠٩ |
| ١٣- وحشي ماڻهن جي طبيعت | ١١١ |
| ١٤- وحشي ماڻهن جي سمجهه | ١١٥ |
| ١٥- وحشي ماڻهن جا اخلاقي خيال | ١٢١ |
| باب چوٿون — هيٺينءَ سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان | ١٢٨-١٧٣ |
| ١- هن سبق جو مقصد | ١٢٨ |
| ٢- جبلتون | ١٣٢ |

٣– عاد تون ١٣٤
٤– ڪارائتيون ۽ زائد جبلتون ١٣٧
٥– ماڻهوءَ جون زائد جبلتون ١٤١
٦– ڊپ جي جبلت ١٤٦
٧– ڊپ جا باقي نشان ١٤٩
٨– ويڙهه جي جبلت ١٥٣
٩– شڪار جي جبلت ١٦٢
١٠– قبيلائي جبلت ١٦٧
باب پنجون — مٿين سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان (هلندڙ) ١٧٣–٢٢٤
١– راند جي جبلت ١٧٣
٢– نقل ڪرڻ جي جبلت ١٧٧
٣– مستيءَ جي جبلت ١٨٢
٤– بدلي جي جبلت ١٨٨
٥– خود غرضيءَ جي جبلت ١٩٥
٦– ٻيون زائد جبلتون ١٩٧
٧– ڪي ٻيون جبلتون ٢٠٢
٨– زائد رواج ۽ ادارا ٢١٥

# تصويرن جي فهرست


١- ٻگهڙ سان مشابهت رکندڙ اسڪيمو ڪتو ١٤
٢- هڪ لي خالدان سنجهان- گدڙ، ٻگهڙ ۽ چراخ ١٧
٣- اسان جو هاڻوڪو گهوڙو ۽ سندس هڪ اهو- ڏاڏو ١٩
٤- آفريڪي ٻفلو (مينهن) ٢٢
٥- اٺ جو ڪرلنگهو سنڌو آهي ٢٦
٦- هاٿي ٻنڌ ڪئي رهيو آهي ٣٠
٧- جهنگلي ڪڪڙ (ار) ٣٣
٨- زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش ٤١
٩- ماڻهوءَ، ٻالدر ۽ ڪتي جو زائه آلدو ٤٥
١٠- گرين لئنڊ جو ميسر ۽ ان جو هڏالون ڍڙو، ٤٧
جنهن ۾ ان جون پوين زائد چنگهون ڏيکاريل آهن.
١١- گهوڙن جا زائد ڪر ٤٨
١٢- ”لروهال“ ميسر ٥١
١٣- ريڍار ڪتو ٥٧
١٤- آڙي آنڪي ڍڪي پيئي ٦٤
١٥- ڪرٽ- ٻنائين مڇيءَ جو نر آنڪي ڪالئس ٻچالي ٿو. ٦٩
١٦- ٻڪريون اصل جابلو چوٽين جون رهندڙ آهن ٧٥
١٧- ماڻهو ڪڏهن جهنگلي حيوان هو ٨٩
١٨- ليندرٿال ”ماڻهو“ ٩٨
١٩- ماڻهن جي ٻکيڙ ١٠٠
٢٠- لئين ويائل گهوڙن- اشر ٻل ۽ غضبناڪ ١٣٨
٢١- ڏيپ ١٥٠

۲۲- شڪار - اڳي ۽ هاڻي ۱۶۴

۲۳- گھڻو ڪري انساني رانديون جهيڙي جون يا ويڙهه جون راندبوں آهن ۱۷۴

۲۴- مست وحشي ۱۸۴

۲۵- ٻدلو ۱۹۳

۲۶- ساهوارن لاءِ ماڻهوءَ جو پيار ۲۱۱

۲۷- ٻل مانسائيءَ جو جذبو ۲۱۳

ڪيو اٿم. آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن محترم جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولى" صاحب جن جو ۽ بورڊ جي ٻين معزز ميمبر صاحبن جو ۽ پنهنجي عزيز دوست ۽ ساٿيءَ بورڊ جي لائق سيڪريٽريءَ محترم غلام رباني صاحب جو بيحد ٿورائتو آهيان، جن هن جڳ مشهور ڪتاب جي هن سنڌي ترجمي جي اشاعت جو اهتمام ڪرڻ فرمايو.

ترجمي ۾ ڪٿي ڪٿي سمجهاڻيءَ جا ڪي مختصر لوٽ به ڏنا اٿم، جن کي ڪتاب جي اصل متن کان الڳ ڏيکارڻ لاءِ وڏين ڏنگين ۾ رکيو اٿم.

منهنجو ارادو هن ڪتاب جي موضوع سان تعلق رکندڙ ٻئي ڪتاب The Rational Good جي ترجمي ڪرڻ جو به آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان ــ جي موقعو مليو ۽ طاقت ساري سگهيس ته اميد ته اهو ڪتاب به ڪنهن طرح پنهنجن لائق سنڌي پڙهندڙ پاڻرن جي اڳيان پيش ڪندس.

حيدرآباد سنڌ
٢ سيپٽمبر، ١٩٧٦ع

محمد ابراهيم جويو

# باب پهريون

## پاليل جانورن جو اصل نسل

### ١- پنجن سبقن جو هڪ ننڍو نصاب

هيءُ ڪتاب پنجن سبقن جو هڪ ننڍو اخلاقي تعليم جو نصاب آهي. آن جو پهريون سبق، جنهن ۾ "پاليل جانورن جو اصل نسل" سمجهايو ويو آهي، ٻئي سبق لاءِ تياريءَ جو سبق آهي. ٻيو ۽ ٽيون سبق وري نصاب جي آخري ٻن سبقن، چوٿين ۽ پنجين، لاءِ تياريءَ جا سبق آهن، جن ۾ "سٺيءَ سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا نشان" سمجهايا ويا آهن.

پهرين ٽن سبقن ۾ ڪا به سڌي اخلاقي تعليم ڏنل نه آهي. اهي ٽي سبق رڳو چوٿين سبق ۽ پنجين سبق ۾ آيل اخلاقي ڳالهين کي آسانيءَ سان سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

پهريائين اسان کي ڏسڻو آهي ته اڄوڪن پاليل يا گهريلو جانورن ۾ سندن جهنگلي جيوت جا باقي ڪهڙا نشان موجود آهن. آن کان پوءِ خود انسانن ۾ ان جيوت جا نشان معلوم ڪري سگهنداسين. پر گهريلو جانورن ۾ اهي 'باقيات' معلوم ڪري سگهون، ان کان اڳ اسان کي جاچڻ گهرجي ته پاليل جانور ڪنهن زماني ۾ وحشي جيوت گذاريندا هئا. تنهنڪري سڀ کان اول اسان کي معلوم ڪرڻ کپي ته اهي وحشي جيوت هو ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ گذاريندا هئا.

### ٢- پاليل ۽ جهنگلي جانور

سڀ پاليل جانور جهنگلي جانورن جو اولاد آهن. انسان خود ڪنهن وقت هڪ جهنگلي جانور هو. گهريلو جانور ٿيڻ سان هن گهر،



بگھڙ سان مشابهت رکندڙ اسڪيمو ڪتو

"اسڪيمو ڪتا" وري پنهنجي سائٽ بگھڙ کان ٿورڙوئي مختلف آهن. هنن جي شڪل شبيهه ۽ جهنگلي طبع بلڪل بگھڙن جهڙي ئي آهي. بگھڙن وانگر سندن ڪن هميشه کڙا رهندا آهن ۽ انهن جا آواز معمولي ڪتن جي ڀونڪ وانگر نه بلڪ هوبهو بگھڙن جي اوناڙ وانگر آهن. جهنگلي ڪتا عام طور اوناڙ ڪندا آهن، پر گھريلو ڪتا ڀونڪندا آهن.

اسڪاٽلنڊ جي ماڙدن ۾، جتي رڍون عام جام پالجن ٿيون، اتي "ڪولي ڪتا" نهايت ڪمائتا ثابت ٿيا آهن. هو رڍن جي هر نموني سنڀال ڪن ٿا. ۽ جيڪڏهن ڪا رڍ نڪري وڃي آهي، ته ان کي هوا هڙيءَ ته هوشياريءَ سان ڳولي ايندا آهن، جو سندن سمجهه تي حيرت لڳي ويندي آهي.

"سينٽ برنارڊ ڪتا" وڏا ۽ نهايت سهڻا آهن. سندن اکيون ۽ منهن ڏاڍا دلڪش ڏين ٿا. آلپس جبلن ۾ يا آتي آسپاس رهندڙ پادري ئي گھڻو ڪري کين پاليندا آهن. انهن جبلن جي چوٽين تي عام طرح يورپ جا ماڻهو برف جي نظاري ڏسڻ يا

## ٧- مال [ ڳائو ۽ ماهيو ]



آفريڪي بفلو [مينهن]

اهي جانور جن کي عام طرح ”ڍور“ يا ”مال“ چيو وڃي ٿو، تن جون چار مکيه جهنگلي ذاتيون اڄ دنيا ۾ موجود آهن، ۽ منجهانئن هرهڪ، جداجدا، اتر آمريڪا، يورپ، ڏکڻ آفريڪا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ رهي ٿي. مال جون سڀ ذاتيون ”باس“ (Bos) جنس جي جانور مان پيدا ٿيل آهن.

آمريڪي جهنگلي مال کي ”بفلو“ (مينهن) يا ”بيزان“ چيو ويندو هو. انهن جا ڌڻن جا ڌڻ اتي ”سين“ نديءَ ۽ راڪي جبلن جي وچ وارن ميدانن ۾ رهندا هئا پر هاڻي اتان ختم ٿي چڪا آهن، ۽ سندن نسل جا جانور يا ته فقط اتي گهريلو حالت ۾ يا جانورن جي نمائشي باغيچن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

يورپي ”بيزان“ به اڄ صفحي هستيءَ تان سڀجي چڪا آهن. آهي اڄ ايڪڙ ٻيڪڙ فقط روس جي نمائشي باغيچن ۾ قيد آهن.

مال جي ايشيائي ذات کي برصغير هندستان-پاڪستان ۾ گهڻي وقت کان وٺي پاليو ويو آهي. جهنگلي حالت ۾ هن ذات جا

## ٨ - رڍون ۽ ٻڪريون

رڍون ۽ ٻڪريون جابلو جانور آهن. هي جانور دنيا جي گهڻي حصي جي اوچن ۽ اٿانگن جابلو پاڳن ۾ اجا تائين جهنگلي حالت ۾ لڀن ٿا. هو انهن اوچن ۽ اٿانگن هنڌن تي بلڪل سلامتيءَ سان زندگي گذاري سگهن ٿا. هو اتي ٻگهڙن، رڇن ۽ ٻين اهڙن دشمنن جي ڊپ کان به بلڪل آجا رهن ٿا، ۽ مزي سان اتي ڪايو پيئو، چيڪ گهمندا ڦرندا رهن ٿا.

گهريلو رڍن ۽ ٻڪرين جو نسل ايشيائي آهي. ايشيا ۾ ئي انسان ۽ انسان جي سڀيتا جي شروعات ٿيل ڏسڻ ۾ ٿي اچي. ايشيا ۾ ئي انسان ٻين جانورن کي پالڻ ۽ گهريلو بنائڻ شروع ڪيو هو. اهوئي سبب آهي، جو دنيا جي موجوده گهريلو جانورن جون گهڻيون ذاتيون ايشيائي نسل جون آهن.

گهريلو رڍن جون گهڻيون جنسون ته گذريل ڪجهه صدين ۾ ئي پيدا ڪيون ويون آهن. رڍن ۽ ٻڪرين کي سندن هوشياريءَ ڪري نه، پر وارن ۽ کير لاءِ پسند ڪيو ويو آهي. تنهنڪري هو اڄ ڏينهن تائين جيتوڻيڪ دماغي حالت ۾ آوئين ئي پوئتي پيل آهن، پر سندن پشم ۽ ڏاس ۾ نهايت عمديون عمديون تبديليون آنديون ويون آهن. گهريلو رڍون ۽ ٻڪريون دماغي حالت ۾ پنهنجي جهنگلي مائٽن کان به اڄ پوئتي پيل هجن ته شڪ نه آهي.

## ٩- سوئر

گهريلو سوئر يورپ، اولهه ايشيا ۽ اتر آفريڪا جي جهنگلي سوئر جي نسل مان آهي. گهريلو سوئر کي جيڪڏهن ٿورو ئي آزاد ڇڏي ڏجي، ته هو جلد ئي جهنگلي حالت ۾ تبديل ٿيو وڃي. دنيا جي ڪجهه ملڪن ۾ ۽ ڪن ٻيٽن تي اڄ ڪيترا جهنگلي سوئر ڏسجن ٿا، جيڪي اهڙيءَ ئي طرح

ويجهڻ لاءِ آئي ڇڏي ڏنو هو، تہ هو اتي جي ماڻهن کي برف مٿان بار ڳاڏين ڇڪڻ ۾ مدد ڪري سگهن. وڏو هرڻ برف تي هلندڙ ٻنا ڦيٿن ڳاڏيءَ ۾ جيڪڏهن ٻڌجي، تہ ڏهہ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان سڄي ڏينهن ۾ هڪ سؤ ميل ڪري سگهي ٿو.

## ١١- اُٺ



ـ اٺ جو ڪرنگهو مڏو آهي ـ

اٺ بيابان جو هڪ جانور آهي. هو اتر آفريڪا ۽ وچ ايشيا جي وڏن بيابانن ۾ رهي ٿو. هو جهنگلي حالت ۾ اڄ ڪونہ ٿو لڀي سگهي. آفريڪا ۽ ايشيا جي بيابانن ۾ بار ڍوئڻ ۽ سواريءَ لاءِ اٺ ئي هڪ مکيہ وسيلو آهي.

اٺ جا مکيہ ٻہ قسم ٿين ٿا. هڪ ٿوهي وارو يا عربستاني اٺ ۽ ٻيو ٻن ٿوهن وارو اٺ. هڪ ٿوهي وارو اٺ اصل اتر آفريڪا ۽ عربستان جو رهاڪو آهي. هندستان ـ پاڪستان جي ڪن ڪن ڀاڱن ۾ اٺ جو هيءُ قسم، جيڪو ملي ٿو، سو بہ اصل شايد عربستان مان ئي آيل آهي. ٻن ٿوهن وارو اٺ ايشيا جو رهاڪو آهي. ۽ ڪاري سمنڊ جي ڪناري کان وٺي سائبيريا، ٽبيٽ ۽ چين ۾ عام لڀي ٿو. حقيقت ڪري اٺ جا بہ ايترائي قسم آهن، جيترا گهوڙي جا. انهن مان ڪي بيابانن جي سخت گرم واريءَ تي ۽ ڪي وري سائبيريا جي ٿڌي برف واري ملڪ تي هريل آهن. اُٺن جو هڪ قسم

هن قسم جي فقط نر هاٿيءَ کي ڏند ٿيندا آهن.

هاٿيءَ جو قدر هميشه بادشاهن ۽ راجائن وٽ رهيو آهي. هنن جي خيال ۾ هاٿيءَ جهڙي وڏي ۽ حشمت واري جانور تي سواري ڪرڻ سان سندن قدر ۽ قيمت وڏي ٿي ۽ سندن حشمت ۽ دٻدٻو عام ماڻهن جي مٿان زياده نمايان ٿئي ٿو.

[جڏهن به ڪن شخصن يا طبقن کي عام ماڻهن مٿان سماجي برتريءَ ۽ حاڪميت جو موقعو مليو آهي، تڏهن هنن پنهنجي آن برتريءَ ۽ حاڪميت کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجن محڪومن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني حيرت ۾ محو رکڻ يا



—هاٿي بند کڻي رهيو آهي—

دٻاءَ ۾ بي حس ڪري ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

[اڪثر حالتن ۾، سندن آن برتر حيثيت جو ڪنهن لياقت ۽ اهليت تي مدار نه رهي، پر ڪين آها حيثيت يا ورثي ۾ مليل آهي يا ننگيءَ ۽ زور سان هٿ آيل آهي. هو پنهنجن

هاٿيءَ کي ”مستدان“ سڏيو ويندو هو، جو پڻ اڄ صفحي هستيءَ تان مٽجي چڪو آهي. جنهن وقت نوع انسان وجود ۾ آيو، تنهن وقت کان ٿورو اڳي يا پوءِ، هي هيبتناڪ جانور، يعني ”ماسٽ“ ۽ ”مستدان“، آنهن ڀنهي سرزمينن مان نابود ٿي ويا.

ڀهريان ڀهريان هاٿي، جن جي وجود جو پتو لڳايو ويو آهي، آنهن جا نشان پٿر جي دور کان به اڳ جي دور ۾ مصر ۾ لڌا ويا آهن. انهن کي سونڊ نه هوندي هئي. رڳو ٻاهر نڪتل هڪ نڪ هوندو هون. هنن جا ڏند رڇ جي ڏندن جيترا ننڍا هوندا هئا. هو قد بت ۾ ننڍن گهوڙن جيڏا ٿيندا هئا.

## ١٣- ڀاليل پکي

ڪڪڙ شروع ۾ برصغير هندستان ۾ پاليو ويو هو. هو جهنگلي ڪڪڙ جي نسل مان آهي، جو اڄ بہ برصغير ۾ ڪٿي ڪٿي جهنگلي حالت ۾ ملي ٿو.

جهنگلي ڪڪڙ ڳوڙهي ڳاڙهي رنگ جو آهي. هو



- جهنگلي ڪڪڙ (نر) -

اٺين فقط هن ڪري آهي، جو جيوت جي اوسر ۾ انسان جهڙو جانور پهرين پهرين ايشيا کنڊ ۾ ئي وجود ۾ آيو. يا هيئن ڪٺي چئجي تہ ايشيا کنڊ مان ئي انسان سڀ کان اول جهنگلي حالت مان نڪري، ترقيءَ جي ايتريءَ منزل تائين پهتو جو هُن حياتيءَ جي ڪٺن جدوجهد ۾ پنهنجي مدد يا فائدي لاءِ جانورن کي پالڻ شروع ڪيو.

اڄ انسان سان سندس روزمره جي زندگيءَ ۾ اٽڪل هڪ سؤ يا ڪجهہ اِن کان بہ وڌيڪ جانورن جون ذاتيون شامل آهن، ۽ سندس حياتيءَ جو سارو دارومدار انهن، وڻن ۽ فصلن جي اٽڪل هڪ هزار ذاتين تي آهي.

حيواني ۽ نباتاتي هي سڀيئي ذاتيون، جن کان سواءِ انسان پنهنجي موجوده تهذيب ۽ تمدن کي هڪ منٽ لاءِ بہ قائم رکي نٿو سگهي، ۽ جن کان سواءِ هو اڄ بہ هڪ جهنگلي ۽ وحشي جانورن جهڙي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي پوندو، سي سڀيئي جاندار شيون آهن. اِهي انسان وانگر ئي کائين ٿيون، پيئن ٿيون، ساهہ کڻن ٿيون؛ انهن کي ڏک ۽ سک جو بہ ايتروئي احساس ٿئي ٿو؛ هنن کي پنهنجن پنهنجن ٻچن لاءِ ايترو ئي پيار ۽ محبت آهي. هنن کي سندن قدرتي ماحول مان ڪڍي، اهڙي مصنوعي ماحول ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي، جتي ڪن حالتن ۾ انهن لاءِ رهڻ نهايت ڏکيو ٿي ٿو پوي. جڏهن انسان هي محسوس ڪندو تہ هيءَ سڄي حيواني دنيا سندس ئي همذات آهي ۽ ٻنهي جو اصل نسل نيٺ تہ هڪڙوئي آهي، تڏهن هو گهريلو توڙي جهنگلي جانورن سان اڄ کان زيادہ سٺو سلوڪ ڪندو. ڊارون جو چوڻ آهي تہ "هيٺينءَ سطح جي جانورن سان همدردي رکڻ انسان جي طبع جي هڪ نهايت عظيم الشان ۽ اوچي وصف آهي."

# باب ٻيو

## پاليل جانورن ۽ وحشي جيوت جا نشان

### ١- زندگيءَ جي ڪشمڪش

سڀيئي جانور پنهنجي پنهنجي ماحول تي پوريءَ طرح هربل ۽ ٺهيل آهن. هو جن حالتن هيٺ گذارين ٿا، سندن جسماني ڏول ۽ بناوت لازمي طرح انهن حالتن جي عين مطابق آهي. سندن رنگ، قد بت، ڪاڏو ۽ هلت چلت هر حالت ۾ سندن آسپاس جي طبعي حالتن پٽاندر آهن. ائين پيو معلوم ٿئي، ڄڻ ڪنهن هوشيار ڪاريگر جانورن جي سڀني ذاتين ۽ قسمن کي گهڙي ٺاهي، پنهنجي پنهنجي ٺهڪندڙ ماحول ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

اڳيئين زماني ۾ ائين پڻ مڃيو ويندو هو ته سڀيئي جانور شروع ۾ ٺي جهڙا هيئر آهن، تهڙا ٺاهيا ويا هئا، ۽ شروع کان وٺي هميشه ساڳيءَ حالت ۾ رهندا پيا اچن - گويا منجهن اصل کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، ڪابه ڦير گهير ڪانه آئي آهي. پر حقيقت ڪري ائين نه آهي. جانورن ۽ سندن ماحول جي وچ ۾ هيءُ جيڪو گهرو رشتو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو فقط **زندگيءَ جي ڪشمڪش** جو نتيجو آهي. زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ فقط اهي جانور جيئرا رهي سگهن ٿا، جن ۾ جيئري رهڻ جي صلاحيت موجود آهي. هن ڪشمڪش ۾ اڪثر جانور نابود ٿي وڃن ٿا ۽ فقط ڪي ٿورا ٿا وڃي بچن. اهي ٿورا اِن ڪري بچن ٿا، جو منجهن پنهنجي پنهنجي **ماحول مطابق رهڻ جي صلاحيت** موجود آهي. لکها سالن کان وٺي، ”حياتيءَ جي ارتقا“

يا جيوت جي اوسر ۾ هي "بقاي اصلح" يعني جيڪو لائق هوندو سو بچندو وارو اصول هميشه عمل ۾ رهيو آهي. ان جو ئي اج اهو نتيجو ڏسجي ٿو، جو موجوده هر ذات ۽ هر قسم جي جانور جي فطرت توڙي بدني بناوت هوبهو پنهنجي پنهنجي ماحول يا آسپاس جي طبعي حالتن مطابق بنيل ۽ ٺهيل ڏسڻ ۾ ٿي اچي.



— زندگيءَ لاءِ ڪشمڪش —

دنيا ۾ هروقت ايترا ته جيوَ پيا پيدا ٿين، جو جيترو جلد هو ڄمن ٿا اوترو جلد جيڪڏهن نه مرن، ته سندن رهڻ لاءِ دنيا ۾ نه هوا، نه کاڌو، نه جڳهه ملي سگهي. ليکو ڪيو ويو آهي ته جهرڪين جي هڪ جوڙي ٢٠ سالن جي عرصي ۾ ايترا ته ٻچا پيدا ڪري ٿي، جو جيڪر سڀيئي سلامت رهن، ته هوند سندن جيتريءَ ايراضيءَ وارو ملڪ رڳو جهرڪين ۽

وارن جانورن مان آهي، ۽ هو شروع ۾ ڇئن ڄنگهن تي هلندا هئا. پر زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ هنن لاءِ پيٽ تي سرڪڻ وڌيڪ مفيد ثابت ٿيو، جنهنڪري هنن جون ڄنگهون ڪم کان خارج ٿي پيون. سندن زندگيءَ جي طرزعمل ۾ هيءَ تبديلي اڄ کان ايترو تہ اڳي واقع ٿيل آهي، جو اڄ سواءِ ڪن چند حالتن جي، سندن ڄنگهن جا نشان بہ بلڪل غائب ٿي ويا آهن.

حيواني دنيا ۾ اهڙا بہ اڪثر مثال مان ٿا، جن ۾ خارج عضوا اڄان تائين ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين موجود آهن. آهي عضوا، جي سندن ابن ڏاڏن لاءِ نهايت ضروري هئا، سي اڄ، ڪيترن جانورن جي حالت ۾، صفا گم ٿي ويا آهن يا گم ٿي وڃڻ واريءَ حالت ۾ آهن. اهو ان ڪري آهي، جو آنهن جانورن پنهنجي عادتن ۽ زندگيءَ جي طرزعمل ۾، تبديل ٿيل ماحول کان متاثر ٿي، ڪي بنيادي ڦيريون گهيريون آنديون آهن، جنهنڪري آهي عضوا هنن کي اڄ ڪنهن بہ ڪم ڪونہ ٿا اچن.




— ماڻهوءَ، باندر ۽ ڪتي جو زائد آنڊو —

زائد عضوا، تنهنڪري، آهي عضوا آهن، جن کي ڪو ڪم ڪونهي، ۽ جي بلڪل واندا وتا آهن ۽ پنهنجي دائمي واندڪائيءَ يا نڪمي هئڻ ڪري آهستي آهستي غائب ٿيندا

۽ سمڪن هوندو تہ ماري ڇڏيندو، اهڙيءَ روش جي هڪ گهيٽي ۾ يا ڇيلي ۾ هرگز توقع رکي ڪين سگهبي.

تنهن جو سبب فقط هيءُ آهي تہ ڪتو هڪ بدليل بگهڙ آهي. سندس ابن ڏاڏن جو گذران پکين، سهن، ردن ۽ ٻين جانورن تي هوندو هو، جن کي هو شڪار ڪري، پنهنجن تکن ڏندن سان چيري ڦاڙي وجهندا هئا. پر هاڻوڪو ڪتو تہ ڇت ۾ ئي ڪاڻ جو عادي ٿي ويو آهي. هو نالي ماتر شڪار هاڻي فقط اِن ڪري ٿو ڪري، جو سندس ابا ڏاڏا شڪاري هئا، ۽ هو پنهنجي اُن شڪار واريءَ جبلت کان مجبور آهي. ڪتن جي اها شڪار واري جبلت جيتوڻيڪ اڄ ڪين ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿي ڏئي (سواءِ انهن ڪتن جي، جيڪي خاص طرح شڪار لاءِ پاليا ٿا وڃن)، مگر اها سندن جبلت ڪا سنجهاڻپ بلڪل غائب ٿي ڪانہ ويئي آهي.

”ريڍار ڪتي“ کان هاڻي رڍن ۽ ٻڪرين چارڻ جو



— ريڍار ڪتو —

ڪم ورتو وڃي ٿو. هو هاڻي رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ ٻهرائي ٿو، ورائي ٿو، ۽ سونائي واڙن ۾ آڻي ٻيهاري ٿو.

آهن، جن ۾ ٻچن جي بچائڻ جي هيءَ جبلت گهٽي ۾ گهٽي وڏيل ۽ مضبوط رهي آهي. جانورن جي ڪابہ جنس، جيڪا پنهنجن ٻچن کي نٿي بچائي، گهڻو وقت بچي ۽ قائم رهي نٿي سگهي.

گهريلو ڳئون پنهنجي نئين چاول ڦر کي لڪائي رکڻ جو جتن ڪندي آهي. انسانن جي رکيل چراگاهن ۾ آن جي اهڙا ڪوشش بيفائدي آهي، پر گذري ويل زماني ۾، جڏهن آن لاءِ چوڌاري خطرو ئي خطرو هو، جتي سوين بکيا وات منہدس هر نئين چاول ڦر کي هڙپ ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا هوندا هئا، تڏهن ڳئونءَ جي هيءَ عادت تہ ويامڻ مهل هوءَ لڪي، ڪنهن پاسيري هنڌ وڃي ويهندي هئي، آن لاءِ آڳ- بچاءَ جو هڪ نهايت ڪمائتو اپاءُ هو.

پاليل پکي ساڳئي اِنهيءَ سبب ڪري پنهنجن آکيرن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. آنهن پکين ۾ خاص طرح آهي جيڪي سڀ ڪان پوءِ انساني پالنا ۾ آيا آهن،



— آڙي آنن کي ڍڪي ويٺي —

مثلاً" ٽرڪي ڪڪڙ ۽ گيني ڪڪڙ- آنهن ۾ هيءَ پنهنجي

آهي ۽ ٻچن ڦٽڻ کان پوءِ انهن جي سار سنڀال به پاڻ لهندو آهي. مڇيءَ جو هڪ قسم آهي (ڪرت پٺائين = Stickle back)، جنهن جي مادي پنهنجن آنن جي وڏي ۾ وڏي دشمن پاڻ آهي. نه رڳو ان کي انهن لاءِ ڪو چاهه ڪونهي، پر جيڪڏهن انهن جو پيءُ کيس روڪي پري نه رکي، ته اهي هوند سڀ



—ڪرت پٺائين مڇيءَ جو نر آنن کي کائڻ ٻچائي ٿو— پنهنجا آنا کائي چٽ ڪري ڇڏي.

مڇين ۾ تمام ڪي ٿوريون ذاتيون آهن، جن جي مادين ۾ پنهنجن آنن يا ٻچن لاءِ ڪو چاهه هجي. انهيءَ ڪري جيڪا ٻارن کي بچائڻ جهڙي حيرتناڪ "ماءُ جي پيار جي جبلت" انسانن ۽ جانورن جي مٿينءَ سطح جي جنسن ۾ ملي ٿي، اها مڇين ۾ ڪانه ٿي ملي. ڪن تمام ٿورين حالتن ۾ جتي مائٽاڻي سنڀال جا منجهن آثار ڏسجن ٿا، اتي اها "پيٽي جبلت" جي صورت ۾ ئي ڏسجي ٿي.

جيڪي جانور — پکي ٿوري ماڻهو — سڄي عمر جوڙو جوڙو ٿي رهن ٿا، انهن ۾ مائٽاڻو پيار، ماديءَ توڙي نر ٻنهي

ٻڪرين جو ڪم ڏين ٿيون.

ڇيلا ۽ گهيٽا جابلو جانورن جو اولاد آهن، جيڪا جيوت هاڻي هو گذارين ٿا، سندن طبيعت ان کان بلڪل جدا جيوت لاءِ جڙيل ۽ ٺهيل آهي. هنن جي سکيا جبلن ۾ جيوت گذارڻ لاءِ ٿيل هئي. راند ۾ سندن ٽپڻ ڪڏڻ، ڊوڙڻ ٻڪڻ ۽ چال هڻڻ هنن جي تربيت هئي آن جيوت لاءِ، جيڪا کين وڏي هوندي گذارڻي هئي. آن وسيلي سندن ٽنگا ۽ مشڪون، ڪر ۽ نريون مضبوط ٿيون ٿي، ته جيئن هو تکا ڊوڙي سگهن ۽ وڏا وڏا چال ۽ ٽپا ڏيئي سگهن؛ ننڍپڻ جي هن راند ۾ هو ٽڪان کان ٽپ ڏيئي هيٺ صحيح سلامت اچي پوڻ، ٻڪرين جي لاهين تان ترڪي ڪرڻ بنان ڊوڙڻ ۽ ٻيون اهڙيون ترڪيبون سکي سگهيا ٿي. پر هاڻي سندن اها تربيت بيجا ۽ غيرضروري آهي. ٻڪرين ۽ رڍن جي ٻچن جي راند، خود انساني ٻارن جي راند وانگر آهڙيءَ جيوت لاءِ تياريءَ جي راند آهي، جيڪا جيوت هو گهڻو گهڻو وقت ٿيو جو ٻنيان ڇڏي اڳتي وڌي آيا آهن. ماڻهوءَ جي ٻارن جي راند هنن جي تياري آهي پنهنجي ويڙهو جيوت گذارڻ لاءِ جيڪا سندن وحشي ابا ڏاڏا گذاريندا هئا؛ ۽ رڍن ۽ ٻڪرين جي ٻچن جي راند هنن جي تياري آهي جبلن تي ۽ دشمنن جي وچ ۾ پنهنجي جيوت گذارڻ لاءِ، جيڪا انهن جا جهنگلي ابا ڏاڏا اوائلي وقتن ۾ گذاريندا هئا. جڏهن ڇيلا راند ڪن ٿا، تڏهن هو ڄڻ پنهنجي ٻاراڻي اسڪول ۾ داخل ٿا ٿين. هو اتي انهن ڳالهين جا سبق وٺن ٿا، جيڪي پوءِ هو پنهنجي سچ پچائيءَ واريءَ جيوت ۾ عمل ۾ آڻيندا. پر اسان جي گهريلو ٻڪرين جي جيوت جون حالتون سندن وحشي ابن ڏاڏن جي حالتن کان اڄ ايتريون ته ڦريل آهن، جو سندن ”اسڪول“ جي اها تعليم هنن لاءِ بنهه اجوڳي ۽ بي مقصد آهي. پنهجي ننڍپڻ ۾ جيڪي هو سبق سکن ٿا، اهي پنهنجي سچ پچائيءَ واريءَ

جيوت ۾ هو ڪڏهن به ڪم ڪونہ آڻيندا. ٻڪرين جي تعليم، ٻين ڪيترن جانورن وانگر ٻنهي ٻيجا ۽ اڻ وقتائتي تعليم آهي.

## ١٠ - آسماني ٻار

ٻڪريون ۽ رڍون جابلو جانور آهن. آنهن جا ابا ڏاڏا ' آسمان '، ۾



—ٻڪريون اصل جابلو چوٽين جون رهندڙ آهن —

رهندا هئا - يعني دنيا جي انهن اوچن جبلن ۽ جبلن جي انهن چوٽين تي، جتي، ڪين هيٺانهين ميداني علائقي مان سندن بکين خونخوار دشمن پهچائي، لڪڻ ۽ پناهہ وٺڻ تي مجبور ڪيو هو. اسان جون گهريلو ٻڪريون گهٽو ڪري هيٺانهن ميداني علائقن جون رهندڙ آهن. اوهين جيڪڏهن انهن جي هلت چلت جانچيندا، تہ ڏسي سگهندا تہ هو اهڙيون ڪيتريون ڳالهيون ڪنديون رهن ٿيون، جيڪي هو ڪڏهن بہ هوند

# باب ٽيون

## مختلف سطح جي ماڻهن (قومن) جو حسب نسب

### ١ - سبق جو مقصد

سڀئي سڌريل ماڻهو وحشي ماڻهن جو اولاد آهن. هو سڀ



— ماڻهو ڪڏهن جهنگلي حيوان هو —

وحشين مان وڌي وڌا ٿيا آهن - بلڪل ائين جيئن توهين ۽

ائين مجيو ويندو هو تہ ماڻهو هن ڌرتيءَ تي پنج يا ڇهہ هزار سال اڳ جو مس آيل آهي. پر جيترو گهڻو ماڻهوءَ جو مطالعو ٿو ڪجي ۽ جيترو وڌيڪ ڌرتيءَ ڪي هيٺي هيٺي کوٽي ٿو ڏسجي، اوترو ڏور ماضيءَ ۾ ماڻهو ۽ ماڻهوءَ سان لاڳاپيل شين جي شروعات جو پترو پوندو ٿو وڃي. هيءَ ڳالهہ پوريءَ طرح معلوم آهي تہ هن ڌرتيءَ تي جاندار شيون ڪيترن ئي ڪروڙن ورهين کان وٺي موجود آهن. اندازو لڳايو ويو آهي تہ ڌرتيءَ تي پنجن يا ڏهن ڪروڙن ورهين کان وٺي زندگي موجود رهي آهي؛ تنهن جي معنيٰ تہ حيواني دنيا گهٽ ۾ گهٽ پنج يا ڏهہ ڪروڙ ورهيہ پراڻي چئي سگهجي ٿي. انهيءَ سڄي وقت جي گهڻي ڀاڱي واري عرصي ۾ دنيا ۾ ماڻهوءَ جي هستي موجود ڪانہ هئي. ماڻهو، نسبتاً، ويجهي دور جي پيدا ٿيل جنس آهي. بهرحال، ائين مڃيو وڃي ٿو تہ ماڻهو ڌرتيءَ تي گهٽ ۾ گهٽ پنج لک ورهيہ [تازين کوجنائن موجب پندرهن کان سترهن لک ورهيہ] موجود رهيو آهي.

## ۷ - انسان ذات جو پکڙجڻ



— نيندرٿال ”ماڻهو“ —

ننڍي هوندي، جڏهن آءٌ ٻنيءَ تي رهندو هوس، تڏهن هڪڙيءَ ڳالهه تي آءٌ ڏاڍو منجهي پوندو هوس. آءٌ ڏسندو هوس ته ڳئون، گهوڙيون، رڍون ۽ ٻين گهرو جانورن جون ماديون جڏهن ٻه وياسنديون هيون ۽ ڦر ڄڻيندا هئن، ته هو هڪدم ڦشرجي ٻيهي رهنديون هيون ۽ سندن طبيعت ڏاڍي تيز ۽ غضبناڪ ٿي ويندي هئي. اسين ڪنهن ڏينهن صبح جو واڙي ۾ ويندا هئاسين، ته ڏسندا هئاسين ته راتوڪي ڪا ڳئون ويائي ٻيٺي آهي. هوءَ اها ڳئون ڪٿي ڪيڏي نه غريب ۽ هيريل هوندي هئي، ايتري قدر جو اسين ان کي پيا چنبڙندا هئاسين، پر ڦر ڄڻڻ کان پوءِ هوءَ بدلجي ٻئي ئي ٿي پوندي هئي. هن جو مُنهن غصي ۽ جوش ۾ ڀرجي، اهڙو ٿي پوندو هو، جو سڃاڻڻ کان ٻاهر. هوءَ ڪي ڳئون ويڙهو ۽ ڪي تمام غريب ٿينديون آهن، ۽ منجهن گهڻا فرق ٿين ٿا، پر ڦر تي ٻيڻل آنءُ ڳئون گهٽو ڪري سڀ جون سڀ بدلجي، اهڙيون غضبناڪ ٿي پونديون آهن، جو ڪابه شيءِ، ڪوبه ماڻهو سندن



— ڄڻين ويائل ڳئون – ڦشريل ۽ غضبناڪ —

پڻ اسان ۾ گهڻو گهڻو اڳ گذري ويل زماني جي اهڙي جائز انديشي ۽ خوف جو بچيل نشان آهي.



— ”ڏيپ“ —

اڄ اسين نانگ، سڱپيريءَ، ڪرڙيءَ، ڏيڏوءَ، ڪوريئڙي وغيره کان اجايو گهڻو ڏڄون ٿا؛ اهو ڏيپ به شايد اسان ۾ زائد باقيات مان آهي. هوندي اسان کي پڪ به آهي ته اُنهن جيتن کان اڄ اسان کي ايترو ڊڄڻ نه گهرجي. نانگن جو هي ڏيپ اسان کي شايد ارتقا جي باندرن واري دور کان ورثي ۾ مليل آهي. ٻولڙو نانگن کان ائين ڊڄندو آهي، ڄڻ آهي ڏن جو موت آهن. ٻولڙن جي پڃري ۾ نانگ ڇڏي ڏسو! بس ٻولڙا خوف ۾ هڪدم ونجي ويندا. ايتريقدر به ڏٺو ويو آهي ته ٻولڙا نانگن جي آڏو بنهه بيهوش ٿي ڪري پون ٿا! ۽ اِن ۾ ڪا عجب جي به ڳالهه ڪانهي. نانگ ٻولڙي جو بدترين دشمن آهي. ٻولڙو نانگ کي ڪجهه ڪري نٿو سگهي. سرطاني گهيرن وارن علائقن جا وڏا نانگ، جيڪي وڻن تي چڙهي وڃن ٿا، ٻولڙن جا جاني

ماڻهن جي ڪم جا نه هئا، ته انهن کي ڪيس ماري ختم ڪري ڇڏيو هو ته جيئن زندگيءَ جي جدوجهد ۾ اهي ماڻهن مقابلي ۾ نه اچي سگهن.

ماڻهن جا سڌريل اعليٰ نسل اڄ عام طور هڪ ٻئي سان صلح سانت ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ڪين "ماڻهن" جي مارڻ جا موقعا گهٽ ٿا ملن، ۽ منجهانئن ڪيترا



— شڪار — اڳي ۽ هاڻي —

ته سندس ملڪ جيئن هائي آهي ان کان اهو بهتر ٿئي، ۽ هو ان کي بهتر بنائڻ لاءِ پوري جدوجهد ڪري ٿو.

مشهور آزاد خيال فيلسوف، ٿامس پين، جو قول آهي ته ”سڄي دنيا منهنجو وطن آهي.“ اهڙيون ڳالهيون فقط اهي ماڻهو ڪري سگهن ٿا، جن جون همدرديون ايتريون ته وسيع آهن، جو اهي ڪنهن به هڪڙي انساني گروهه تائين محدود نٿيون رهي سگهن. جيڪو ماڻهو قبيلائي جبلت کان مٿي چڙهي چڪو آهي، اهو پاڻ کي رڳو نوع انسانيءَ جي حدن تائين به بند ڪونه ٿو رکي، پر اهو ته هر انهيءَ شيءِ کي، جيڪا محسوس ڪري ٿي، پنهنجي برادريءَ ۾ شامل سمجهي ٿو.

# باب پنجون

## مٿينءَ سطح جي ساٿهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان

## (هلمندڙ)

### ۱ - راند جي جبلت

راند جي جبلت مٿينءَ سطح جي ساٿهن ۾ پاڻ تہ زائد نہ آهي - ڇاڪاڻ تہ جيئن وحشي دور ۾ ان جا فائدا هئا، تيئن اڄ بہ ماڻهوءَ لاءِ ان ۾ فائدا آهن — پر ان جو عام نمونو مٿينءَ سطح جي جيوت لاءِ اڄ بي سود ۽ زائد آهي.

راند فطرت جي سکيا آهي. اها زندگيءَ لاءِ تيار ڪري ٿي. گهڻو ڪري مٿينءَ سطح جي سيني جانورن جا ٻچا راند ڪن ٿا، ۽ اهي جڏهن راند ڪن ٿا، تڏهن هو انهن ڳالهين جي ڄڻ استعمالي يا مشق ڪن ٿا، جيڪي وڏي هوندي پنهنجيءَ جيوت ۾ ڪين ڪرڻيون آهن. ڪُلر (ڪتي جا ٻچا) ۽ ٻَلهر (بگهڙن جا ٻچا) پنهنجي پاڻ ۾ وڙهندا آهن ۽ هڪٻئي کي ڊوڙائيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ وڏي ٿيڻ کان پوءِ کين ٻين جانورن سان ڪافي وڙهڻو پوي ٿو ۽ انهن جي پٺيان ڀڄڻو پوي ٿو. ٻليءَ جو ٻونگڙو ڊيريءَ سان يا بال سان راند ڪندو آهي. ڊيري هن لاءِ ڪُئو آهي. ڇيلا ۽ گهيٽا راند ۾ ڊوڙندا، ٽپندا ۽ ڇال ڏيندا آهن. اها انهن جي (ڪم از ڪم جهنگلي حالت ۾) پنهنجي آئيندي جي زندگيءَ جي سکيا آهي - ائين هو تياري ڪن ٿا تہ وڏي هوندي هو گوشت خور جانورن کان پنهنجي پاڻ بچائي سگهن، جيڪي مٿن حملي ڪرڻ ۽ کين

ڊوڙائي، جهلي، ڪائي ڇڏڻ لاءِ هردم تيار رهن ٿا. ٻچيون لُڏوهم ڪري يا ٽپي هٽي نڪري وينديون آهن، ۽ پولڙا وٺن ۾ لڙڪي، هڪڙيءَ ٽاريءَ تان ٻيءَ ٽاريءَ تي ٽپي، پڄي ويندا آهن.



— ڳهڻو ڳري انساني رانديون جهيڙي جون يا ويڙهه جون رانديون آهن —

جتي گهڻي قدر ڪم ڪان واندڪائي مايل هوندي.



— سست وحشي —

ڪاهليءَ جي جبلت اسان وٽ اوائلي ماڻهوءَ جي طبيعت جي رهيل نشاني آهي. وحشي ماڻهو قدرت ۾ سڀ کان سگهارو جانور نه آهي. هن جي بدني مشين تمام ٿوري سگهه پيدا ڪري سگهي ٿي — فقط اوتري، جيتري ڪڏهن شڪار تي ۽ لڙائيءَ



— ٻدلو —

بهرحال مٿينءَ سطح جي ماڻهن ۾ پراڻي انفرادي ٻدلي وٺڻ جي عادت جا ڪيترائي زائد باقياتي نشان اڄ به موجود آهن. اڄ به يورپ جي ملڪن ۾ ڪن موقعن تي، ڪٿي ڪٿي، دوبدو به مخالف ترارين سان وڙهي پنهنجي اختلاف جو نبيرو ڪن ٿا يا هڪ ٻئي سان ٻدلو چڪائين ٿا ـ [جنهن کي انگريزيءَ ۾ Duel چئجي ٿو]. هي ڊيوئل اُنهن انتقامي عادتن جي باقيات جو هڪ نشان آهي. خانداني وير (Vendetta) اُن جو ٻيو نشان آهي. هيءَ وير ذات جو يا خون جو جهيڙو آهي، جنهن ۾ هڪ ڪٽنب يا خاندان پنهنجي ڪنهن ڀاتيءَ يا ذات ڀائيءَ جي ايذاءَ جو عوض ٻئي ڪنهن ڪٽنب يا خاندان جي ماڻهوءَ سان ڪري ٿو. هيءَ نام نهاد ”انصاف“ جو نيم وحشي نمونو (يا وير ٻاڙڻ جو طريقو) اڄ به دنيا جي گهڻن حصن ۾، ٿوريءَ يا گهڻيءَ حد تائين، رائج آهي.

ٻدلي جي جبلت، جيڪا پنهنجي فطرت ۾ اسين موجود ڏسون ٿا، ۽ جنهن جو مهذب اظهار مٿينءَ سطح جي ماڻهن جي

ئي گهڻو ڏک ڀريل آهي. اسين هڪٻئي کي ڏکوئڻ ڇڏي ڏينداسين، ته به ڪو گهڻو لوڏو آن جي ڏکن جي پهاڙ ۾ اچڻو ڪونهي ـ آن جا ڏڪار، آن جون ٻوڏون، باهيون، بيماريون، آن جا زلزلا ۽ طوفان، ۽ آن جو موت، اهي سڀ هين دنيا جا ڏک هوندئن به ڪي ٿورا آهن!؟ تنهنڪري اسان کي هڪٻئي تي اعتبار ڪرڻ گهرجي. اسان کي گهرجي ته هڪٻئي کي برداشت ڪريون، صبر ۽ سهپ جو دامن هٿ مان نه ڇڏيون، ۽ هڪٻئي جي اوڻاين ۽ عيبن کي درگذر ڪريون. ڇا، اسان کي اها خبر ڪانهي ته جڏهن ٻيو ڪو اسان سان اهڙي انساني روش اختيار ڪري ٿو، ۽ اسان تي اهي سڀ مهربانيون ڪري ٿو، ته اسين ڪيترا نه خوش ٿيندا آهيون ۽ پاڻ کي ڪيڏو نه ڀاڳوان سمجهندا آهيون!

هين سلسلي ۾ ڊارون جي ڪتاب مان هيٺيون ٽڪرو پڙهڻ ۽ سمجهڻ لائق آهي:ـ

”جيئن جيئن ماڻهو تهذيب جي ميدان ۾ اڳتي وڌي ٿو ۽ ننڍا ننڍا قبيلا گڏجي وڏن وڏن راڄن ۽ قومن جي صورت وٺن ٿا، تيئن تيئن ماڻهوءَ جي معموليءَ کان معمولي سمجهه کيس اهوئي سبق ڏئي ٿي ته هو پنهنجي سڀني ۽ ڪهڪاءَ جا لاڳاپا قوم جي سڀني ـ ويجهن توڙي ڏورانهن جاتل توڙي اڻجاتل فردن سان قائم ڪري ۽ آنهن سان قرب ۽ همدرديءَ جي ڏوريءَ ۾ ڳنڍجي هلي. انساني تهذيب جي هن ڏاڪي تي وڃڻ کان پوءِ، باقي رڳي ڪا هڪ اڌ مصنوعي رڪاوٽ وڃي رهي ٿي، جنهن کي هٽائڻ سان انسان اڳتي وڌي، تهذيب جي آن منزل تي رسي ٿو، جڏهن هو پنهنجي قرب ۽ همدرديءَ جا لاڳاپا ’پنهنجي‘ قوم جي دائري کان وڌائي سڀني قومن جي ماڻهن سان قائم ڪري سگهي ٿو. پر بدقسمتيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي، جو تجربي مان اسين ڏسون ٿا

تہ چاڪاڻ تہ اهي ماڻهو اسان ڪان مهانڊي ۽ عادتن جي گهٽي ڪجهہ فرق سبب الڳ آهن، انهيءَ ڪري ڪين ٻاڻ جهڙو انسان ٻاڻ ڪري سمجهڻ ۾ اسان کي اجا گهڻو وقت لڳندو۔



— پسل مانسائيءَ جو جذبو —

”ماڻهن جي دائري ڪان ٻاهر ٻين جو ڪهڪاءُ رکڻ — يعني ٻين ساهوارن سان انسانيت جو ورتاءُ ڪرڻ — انساني فطرت جي اها هڪ نئين ۽ تازي ۾ تازي حاصلات معلوم ٿئي ٿي. وحشي ماڻهن کي سواءِ پنهنجي ڪنهن خاص ڏاريل جانور جي، ٻئي ڪنهن جانور لاءِ اهڙو ڪهڪاءُ نہ ٿيندو آهي. ويجهي پراڻي دور جا رومن لوڪ تہ اهڙي احساس ڪان بلڪل ئي محروم هئا. اُن جي ثابتي اهائي ڪافي آهي، جو سندن وندر لاءِ ماڻهن ۽ جانورن جي ويڙهہ جا اکاڙا وڏن هوندا هئا، جن ۾ هو خطرناڪ جانورن کي ڪارائي ٻياري، وري

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَڻَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَّ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَّ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجههَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۾ ڇَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۾ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)